١١

# پَسِي ڳاڙها گُل

رسول بخش پليجو

ن.ف 152

# پسي ڳاڙها گل

(ڪهاڻين جو مجموعو)

رسول بخش پليجو

سنڌي ادبي پبلشنگ ايجنسي
حيدرآباد سنڌ
جنوري ١٩٨٥ع

| | |
|---|---|
| ڪتاب: | پسي ڳاڙها گل |
| | (ڪهاڻين جو مجموعو) |
| ڇپائيندڙ: | ٻلاول لطيف |
| ڇپيندڙ: | سردار پرنٽنگ پريس، گاڏي کاتو، حيدرآباد - سنڌ |
| ڇاپو: | پهريون |
| سال: | جنوري ١٩٨٥ع |
| تعداد: | ٻه هزار |

قيمت: **15-00**
پندرهن رپيا

PASI GARHA GUL (A Colleotion of short stories)
By RASOOL BUX PALIJO
Printed at Sardar Printing Press, Hyd.
Published by Sindhi Adabi Publishing Agency,
Gadi Khato, Hyderabad - Sindh.

ڏالي

محروم ۽ مظلوم سڄاڳ سنڌياڻين جي،
جيڪي سهڻي لطيف جي سورمين جي نقش قدم تي هلندي،
پنهنجي ۽ پنهنجي قوم جي تقدير بدلائڻ لاءِ،
همت ۽ سورهيائيءَ سان جاکوڙ پيون ڪن.

— رسول بخش پليجو

# فهرست


| | عنوان | صفحو |
| --- | --- | --- |
| ۰۱ | مختصر تعارف | ۱-۸ |
| ۰۲ | جتي ياهه ٻري | ۹-۳۸ |
| ۰۳ | پسي ڳاڙها گل | ۳۹-۷۵ |
| ۰۴ | سچ جو ڏينهن | ۷٦-۸۹ |
| ۰۵ | اڄ آڳرِيا آئيا | ۹۰-۱۰۸ |
| ۰٦ | وڃيو هئين تہ ويهہ | ۱۰۹-۱۱۵ |
| ۰۷ | ٻختاور | ۱۱٦-۱۵۲ |


(برسات ۾ چڇپل)
آگسٽ ۱۹۸۴ع

آهي.) ان ڪري آءٌ ذاتي طور تي هنن لفظن لکڻ جي لاءِ پاڻ اڳ ۾ ئي پليجي کان معذرت گهرندي اهو لکڻ ٿو گهران ته ڪٿي به توهان مون سان اتفاق نه ڪريو ته مون کي افسوس ڪونه ٿيندو، جو آئي آءٌ سمجهندس ته مون توهان سان انصاف نه ڪيو هوندو.

هونئن اها آهي به هڪ حقيقت ته هن ڪتاب جي رکو مهاڳ لکڻ لاءِ به آءٌ نه ٿو سمجهان ته آءٌ موزون قابليت وارو ماڻهو آهيان. پليجو به چوي ٿو ته "ويڙهو هئين ته ويهه نه ته ونيو واٽ ونءُ تون!" پر هڪ اديب جو ادبي فرض؟
خيرا خدا حافظ!

حيدرآباد، سنڌ

٢٠ ڊسمبر، ١٩٨٤ع — م.ح. عارباڻي

# جتي ٻاهه ٻري

ڪتي جي ڀاڪ تي، سونا چرڪ پري، رلي منهن تان لاٿي. آهستي ڪري ننڍڙي موسي جي ٽنگ پنهنجي ٽنگ تان لاهي، ان تي رلي وجهي، اونداهيءَ ۾ سنڀالي سنڀالي پير رکندي، در وٽ اچي نهار ڪيائين. ٻاهر ماڻهن جو ڍنڀ بيٺو هو. ماسي رحمت واري ڳالهه سچي هئي. سندس دل ٻڏي ويئي.

”خميسا، خميسا ـــ ابا آهي ڪو مڙس ماڻهو؟“

هن آواز سڃاتو. حاجي جمعي جو ڳرو، دهشت ڀريو آواز ڪير نه سڃاڻي!

”ابا، ابا،“ هن ڀڙڪو ڪري ڀٽس کي سڏيو. هلندي ديڳڙي تان ٺاپو اچي ويس، ’اڙي الله‘.

”چوري ڪٿاڙو آ؟“ خميسو ننڊ مان ٻاهوڙو ڪري اٿيو. جوٽس آمي چرڪ پري اٿي ويئي، ”هان، ڪنهن سڏ ڪيو؟“

”ٻاهر ماڙهو بيٺا آهن.“ سونا هنڌ تي ويهي رلي مٿان ڪندي چيو. سندس لڱ ساهه ڇڏيندا ويا. دل تي هٿ رکي ڏنائين، ڌڙ، ڌڙ! جهڙي ريل گاڏي.

”ڪير آن؟“

”حاجي جمو آ، ٻيا تہ الائجي ڪير آن!“

”ڪٿاڙو ويو آهين؟ آڏين جو رُلي مٿا آهن!“

خميسي ٻڙ ٻڙ ڪري قميص وجهندي چيو ۽ پريچ هيٺان هٿوراڙيون ڏيئي پيڙيون ماچيس نهارڻ لڳو. ”ڀاڻين ڪر ڳل چاڙهيو آهي، پيو ڪٿاڙو آ!“ آميءَ چيو.

”ڀاڻم جو ڪهڙو ڏاڙو هوآم؟“

"نظر نٿو پوني ڪ؟ پٺيان آهين ته جڙد مڙد!" عارب
ڪيلي چيو.

"بس هاڻ اڇي اجهيا آهيون. جڙديون مڙديون وييون."
هوءِ گهر موٽي ويئي.

"خميسا، راڄ ڪان خبرون وٺ." حاجي جمعي ڇڪانب
ڪڍي، وهاڻي ڪي ٽيڪ ڏيئي چيو.

"ادا ڀڏابو."

"عارب ڀڏاءِ خبرون." حاجي جمعي دستور موجب اول
ڀين ڪي آڇ ڪئي.

"نه، تون ڀڏاءِ."

"هارون ملان ڀڏاءِ خبرون، ڀڏاءِ، ڀڏاءِ."

"وريام، موسا، جانو؟" -

ڀڏاءِ، ڀڏاءِ. ڀاڻيءَ هوندي تيم ڪونه ٿيندو.؟"

"ادا، اسان جون مڙيئي خير، چاڻين سچائين تو ته..."

هٿو."

"ڀارن جا غلام..."

"مائٽ، چڱا مڙس!"

"اها ڀهر، الله ۽ الله جي رسول جي ڀاڙي ۾، آن ڀارن
جي ڀاڙي ۾ ڀيا سات گذاريون. اڄ ويو هوس ٻني تي ور ڪرڻ.
ٻني ٻه ماڻهن جي مالن ڪائي چٽ ڪري ڇڏي آهي، ڪو ٿم،
ٿم وڃي ڇڏڻون آهي..."

"مون ڏني هئي تڏهن ته ڀلي هئي..."

"ويئي چٽ ٿي! صفا هٿ جي تري...."

"ها، هي سمن جو مال ڪنهن کي سگهو ساهه کڻڻ ڪونه
ڏيندو. ڇوڻڻ وارو ماڙهو ڪونهي..." سومار ملين چيو.

"ابا وڃ ڪنڌي ڪيري تي. انين جو ٽڙ ڏاڍو آهي.
چوڌري زبردست ماڻهو آهي، ڪنهن جي ڪانهه ٿي هلي." حاجي
سکئي چيو.

ڏيان؟ مونجي ٻہ ٽہ وس ڪونهي.' آخر هن ڳلو صاف ڪندي چيو، ”ادا، مون ڀانجي ڏيءَ وڏي آن راڄ جي جهوليءَ ۾. جيئن وڌنا تيئن وڃي ڪهوس.“ سندس اکيون آليون ٿي ويون. پاڻس ٻوڙي اچي کيس ڀيرين پيو. وڏيري ڳراٽڙي وڌيس. هارون ملين، عارب ۽ جانوءَ پٽ ٺپري پيار سان چيس، ”شابس، شابس!“ سندس دل ڀرجي آئي.

اهڙيءَ طرح سونا ٻجو سڱ حاجران جي پٽ رمونءَ سان ٿي ويو.

اها ڪا گهڻ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جتي آمريڪا جو جاسوسي ڪاتو هيڏي آسانيءَ سان ۽ هيڏي وڏي تعداد ۾ هر طبقي مان پنهنجا ايجنٽ ۽ چمچا تيار ڪري سگهيو آهي اتي اهو بدنام ۽ رسوائي زمانہ جاسوس ادارو اسان جي وطن ۾ بري طرح ناڪام ويو آهي ۽ جيڪي آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ايجنٽ هٿ ڪري سگهيو آهي، سي بہ عوام ۾ خوار ۽ خراب ٿي چڪا آهن.

”.... بهرحال، اسين مطالبو ڪنداسين تہ جيڪي اخبارون ۽ سياسي جماعتون آمريڪي جاسوسي کاتي جي اشاري تي نچي ۽ ٽپي رهيون آهن، انهن تي فورن بندش وڌي وڃي ۽ وڏيڪ بدنام فردن ۽ اخبارن کي فورن بند ڪيو وڃي.“

جيڪي هفتي وار اخبارون ان ڏينهن ڇپيون، تن ۾ بہ نئين دوا جو اثر ظاهر ٿيو. هڪڙي هفتي وار اخبار، جا سال ۾ ڪل ست پرچا ڪڍندي هئي ۽ ستن ئي ۾ هڪڙي ئي ڪاموري جي تعريف لکيل هوندي هئي. تنهن ان پرچي ۾ ان ڪاموري جو نالو وٺي لکيو، ”هڙا عوام آزاريندڙ ڪامورا فوراً ڊسمس ڪرڻ کپن ۽ مٿن جرگن ۾ مقدما هلائي کين نہ رڳو جيل جون ڊگهيون سزائون ڏيڻ کپن پر کين شهر جي چونڪ ۾ ڇهبڪ هڻائي، ٻين لاءِ عبرت جو سامان پيدا ڪرڻ کپي.“!

مريدپور ٿاڻي جو صوبيدار، صبح جو نيرن ڪري، اڇا اجرا ڪپڙا پائي، اچي ٿاڻي ۾ ڪرسيءَ تي ويٺو. وڏي منشيءَ ڪاغذ پٽ اڳيان آڻي رکيس. پريان جان محمد پوليس وارو، ڇهن ڄڻن ۾ رسن پيل ماڻهن کي وٺي اندر آيو ۽ سيلوٽ ڪري ڪڙو تڙو ٿي بيهي رهيو. صوبيدار پڇيس، ”هي ڪير آهن؟“

جان محمد ادب سان چيو، ”سرڪار! رات ناڪي بندي ڪندي، موريءَ وٽان هنن کي شڪيءَ حالت ۾ گرفتار ڪيو اٿئون. هڪڙي وٽان بنان ليسن جي ريوالور....“ اڃا چئي، هو بيهي رهيو. ”اڙي ڳالهه ڪر!“ صوبيدار ڪڙڪو ڪري چيو.

آئي ۽ بدن ۾ سياڙو وٺي ويس. هڪ لحظي کان پوءِ سندس چپ وري کليا. پر سندس آواز بدليل هو.

"حضرات، منهنجي خيال ۾ پنهنجا پاڻ ۾ آهيون ۽ بهتر آهي تہ صاف گوئيءَ کان ڪم وٺون. اسان جي سپرد هڪ نهايت نازڪ فرض آهي. هن علائقي ۾ اها ذميواري اسان تي رکيل آهي تہ اڌ ڪروڙ سنڌين کي آفيمي ننڊ مان بيدار ٿيڻ نہ ڏيون. ڪو پاڻ سجاڳ ٿئي يا ٻين کي سجاڳ ڪرڻ جي شرارت ڪري، تہ ان کي رستي مان هٽائي ڇڏيون. بدقسمتيءَ سان اسان جي وڏن ليڊرن کي اندازو ئي ڪونهي تہ اسان جي اڳيان ڪيڏيون مشڪلاتون آهن. هو سمجهن ٿا تہ مذهب هڪڙي اهڙي زرهہ آهي، جنهن کي پهري اسين سلامتيءَ سان جيڪي وڻي، سو ڪري ٿا سگهون. پر اوهان کي خبر آهي تہ هتي ماڻهن ۾ ۽ خاص ڪري نوجوانن ۾ وطن جي نالي تي ڪيڏي نہ شورش آهي. خير، خدا جي فضل و ڪرم سان اسان مڙس ٿي منهن ڏنو آهي ۽ هرهنڌ ستونٕ جي تعداد ۾ مير جعفر ۽ مير صادق تيار ڪيا آهن، جي اسان جي حڪمن مطابق عمل ڪري، سنڌيت جي تحريڪ جي پٺ ۾ ڇرا هڻي رهيا آهن. اسان جي هٿ ۾ هڪ روزاني سنڌي اخبار آهي جا رات ڏينهن سنڌين جي ئي خرچ سان سنڌي نوجوانن جي پويان باهہ پاريو بيٺي آهي. ڇغليون هڻڻ، منافقيون ڪرڻ ۽ انتشار ڦهلائڻ ۾ سي.آءِ.ڊيءَ کي مات ڏيو بيٺي آهي. اسان صالح سنڌي، اخبار وسيلي، پنهنجي سنڌي مريدن هٿان سنڌين جي خلاف زهر ڦهلائيندا رهون ٿا. سنڌي شام کي بند ڪرائڻ، سنڌي شاگردن ۽ اديبن ۾ ڦوٽ وجهڻ ۽ ٻين اهڙن نيڪ ۽ صالح ڪمن ۾ اسان توقع کان وڌيڪ نوان ۽ شاندار ڪم ڪيا آهن. انهيءَ کان سواءِ ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ خاطر اسان تازو سنڌين جي ڪن مطالبن جي تائيد ڪرڻ جو بہ ڍونگ رچايو آهي."

اهو بزرگ اڌ ڪلاڪ ڳالهائيندو رهيو. ان بعد، ٻين مقررن بہ تقريرون ڪيون. جن تفصيل سان انهن اڌڪلن، حرفتن

سيڻيون جيڪي پنهنجي مطلب ۽ غرض لاءِ پاڻ کي ڳراڙيون پيا وجهن سي مون ۾ تو جهڙن جا مائٽ ڪڏهن به ڪونه ڏيندا. مون کي به پنهنجي پارٽيءَ جو ماڻهو سمجهه!"

هن جي اکين ۾ ڳوڙها تري آيا. مون کي ڀاڪر پائي چيائين: "جوان جا پٽ، تہ پوءِ پنهنجي آهي به فتح!"

(ماهوار "تحريڪ"، جنوري ١٩٧٨ع ۾ ڇپيل)

آهن.“ مون وري تلخيءَ سان دهرايو ۽ اخبار اڇلائي ڇڏيم. ٻئي ڏينهن ساڳي اخبار ۾ وڏين سُرخين سان ۲۰۷ قيدين جي ضمانت تي آزاد ٿيڻ جي خبر پڙهيم. ٻر جيڪي ويهه پنجويهه ڇٽا نوان قيد ٿيا هئا تن جي گرفتاريءَ جي خبر ڳولي ڳولي ٿڪجي پيس، پر ڪٿي به نظر ڪانه آئي. مون اخبار ڦاڙي، پرزا پرزا ڪري ڇڏي.

(ماهوار ”تحريڪ“، مارچ ۱۹۷۳ع ۾ ڇپيل)

# ٻختاور

جنهن مهل تار آئي تنهن مهل مون. شيوُ پئي ڪئي. ڪريم لڳل منهن سان تار واري ڪان تار وٺي، ڪيس صحيح ڏيئي، ڪاپي هٿ ۾ جهليل سيڻتي (جيڪا بيخيالي ۾ ساڻ ڪئي ويو هئس) واپس آئي ميز تي رکيم ۽ لفافو کوليو، تار پڙهيم. پنهنجن هٿن ۾ نهاريم، اهي ڏکيا ڪونه پئي. آرسيءَ ۾ منهن ڏٺم: ڪريم لڳل هوندي به سمجهيم ته ان تي ڪوبه تاثر ڪونه هو. هاڻ سمورو ڌيان شيو ۾ لڳايم.

واچ ڏٺم ته ٻه لڳي ١٤ منٽ ٿيا هئا: تنهن جي معنيٰ ته سنڌ ايڪسپريس ۾ اڃا ڏهه ڪلاڪ هو.

”ڪريما!“

”جي، بابا.“

”پٽ! منهنجي بئگ تيار ڪر، مون کي ٻاهر وڃڻو آهي.“

ڪريما اهڙين ڳالهين تي هريل هئي.

اڌ ڪلاڪ کان پوءِ اُهي اسٽيشن تي پهچي ويس بلڪ اسين پهچي وياسين ڇو ته ڪريما به مون سان گڏ هئي. ريل ۾ چڙهي ويٺاسين. ڏيڍ ٻن ڪلاڪن جي سفر کان پوءِ اسان جي اسٽيشن اچي ويئي.

سول اسپتال جي گيٽ تي پهچي، ڪريما کي چيم: ”مون توکي ٻنهه نتي آندو پر تون ڦڏو ڪري زبردستيءَ آئي آهين، نيڪ؟“

”ها بابا.“

”توکي پنهنجو واعدو ياد آهي؟“

ڪنهن فارسي شاعر سچ چيو آهي ته: ”سهڻن جون ڪئين ادائون اهڙيون آهن جن تي ڪو نالو رکيل ڪونهي.“

منهنجون اکيون جتي هيون اتي اٽڪي بيهي رهيون.

واڱڻائي ڇيٽ جي چولي، سٿڻ، ڪاري پوتيءَ ۽ سادي سودي چمپل ۾ هوءَ سورهن سترهن ورهين جي هڪڙي اهڙي ڇوڪري هئي، جنهن جا هٿ، پير، نڪ، اکيون عام ڇوڪرين جهڙا يا انهن کان ڪجهه ڇڱا هئا. پر سندس بيهڻ ۽ نهارڻ جو انداز، سندس سموري جسم ۽ چهري مان بکندڙ سندس ذهني ۽ جذباتي شخصيت جو اثر، جادوءَ جو حڪم رکندڙ هو. الائي نئين قيد تي آئي هئي يا شنوائي تان موٽي هئي يا الائي پيشي هيس. (جيل ۾ ڪو ڏوهه ڪبو آهي ته وڏن صاحبن اڳيان سزا لاءِ وني ايندا آهن. اها ئي پيشي).

سرور پڇيو: ”سائين، ڪهڙي دنيا ۾ آهيو؟ سوال جو جواب ڪونه ڏنو؟“

مون چيو: ”ڪهڙو سوال؟.... ها.... نه، هن کي جيئرو رهڻ گهرجي!“

سرور چيو: ”مون انهيءَ جي ڳالهه تي ڪئي تنهن ڏينهن. مڙس ماريو اٿس. چئي ٿي مون برابر ماريو آهي. پنهنجي پيءُ جو بدلو ورتو اٿم. وري جيئرو ٿي اچي ته وري به ماريندي سانس، مون کي ڦاسي کپي يا ڪجهه به نه کپي. منهنجو مقصد پورو ٿيو. مون پنهنجي مظلوم پيءُ جو بدلو ورتو. هاڻ مون کي جيئري رهڻ جي ڪابه ضرورت ڪانهي... ڏسو تا چري جا ڪم؟!“

هن شوخيءَ سان وراڻيو: “Mister! ~~Mind~~ your own business.”

(مسٽر! توهان پنهنجي ڪم جي ڪريو!)

هن جو اهو انگريزي جملو ٻڌي، مون کي اوچتو هڪڙي چريائيءَ جو خيال آيو. سوچيم ته ڏک هٿان ۽ ڇوڪريءَ کي حيرت ۾ وجهي، سندس لاپرواهيءَ جي زرهه کي هيڪر ٽوڙي

مون همراهن کي چيو، ”نور محمد چارليءَ جي هڪڙي فلم هئي جنهن ۾ پاڻ ۾ ٽي يار آهن. چارليءَ جي هٿ ۾ هڪ ننڍڙي گهنڊڙي آهي. ڪيڏانهن گهمڻ وڃن ٿا ته هڪٻئي جي ڪنڌن ۾ ٻانهون وجهيو هلن. وچ ۾ چارلي، پاسي ۾ ٻيا ٻه. جتي به چارليءَ کي ڪو خيال اچي ٿو ته، فلاڻيءَ ڳالهه تي پاڻ ۾ صلاح ڪريون ته هٿ سان ويٺو گهنڊ وڄائي ۽ زبان سان واڪو ڪريو چوي ”ميٽنگ!“ اهي آواز ٻڌيو سڀ ٻيهو رهن ۽ ائين بيٺي بيٺي پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳن ٿا. پاڻ وٽ گهنڊڙي ته ڪانهي پر پاڻ به هاڻ هن مسئلي تي پاڻ ۾ چارلي ۽ سندس يارن وانگر ميٽنگ ڪنداسين.“

عبدالجبار جيڪا مون سان حقيقت ڪئي هئي سا مون سربستي ”ميٽنگ“ کي ٻڌائي ۽ کين چيو ”هاڻ سموريون معلوم ٿي سگهڻ جهڙيون حقيقتون اوهان جي اڳيان آهن. هاڻ آءٌ سوال ٿو پڇان ته ”ڇا هن ڇوڪريءَ بي واجبي قتل ڪيو آهي؟“

ڀرپائين محمد علي خان چيو: ”بلڪل بي واجبي! لعنت هجيس!“

پوءِ انور چيو: ”قتل ته ڪيو ٿي ڪونه اٿس. پنهنجو سر بچايو اٿس. پر جي واقعي قتل ڪري ها ته به جائز هو. پيءُ جو بدلو وٺڻ سندس فرض هو.“

جمال چيو: ”حق تي آهي! اسان جو ڪيس سلام آهي!“

ٻئي شاگرد ڪمال الدين رکيو ايترو چيو: ”بي ڏوهه آهي. مٿس سلام آهي.“

وڪيل محمد اسماعيل چيو: Self Defence يعني پاڻ بچاءَ جو ڪيس ٿو ڏسجي. بظاهر ڇوڪري سچ ٿي ڳالهائي.“

مون چيو: ”آءٌ گهٽائيءَ جي راهه سان ٻڌل آهيان، ڇوڪريءَ کي پاڻ بچائڻ توڙي بدلي وٺڻ ٻنهي قسمن جا حق هئا. هوءَ بي ڏوهي آهي.“

ايتري ۾ چپ وري ڇڙريا. ڪريما نيوڙي سندس ڳالھ ۾ ٻڌي ٺهڪ ڏيئي چيو: ”بابا خبر اٿئي ڇا پئي چوي؟ ھٿن ڇماٽ ھڻائئين! ڇري ڇٽي تي ايڏي تڪليف ڇو ڪئيو؟“

اسين انھن ڏينھن موٽي گھر آياسين ۽ پئي ھفتي موٽي وياسين ۽ ھر ھفتي ايندا رھياسين. ان وچ ۾ سندس ٻار، سندس ماءُ پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ٻہ اچي ويا ھئا. سندن تنظيم جون ڪئين ساٿياڻيون ٻہ ڀاڏرن يا مڙسن يا لئي پٽي وڏين ماڻن سان گڏجي اسپتال ۾ پئي آيون ويون. ھرڪنھن وس آھر سندس ھٿ تي ڪجھ نہ ڪجھ رکيو. ڪي بيدار ڪي ڪيھ مکڻ کڻي آيون. اسپتال ۾ سڀ ڪيس ڀاڳيريءَ جي نالي سان سڏڻ لڳيون. ڪريما ڪين سمجھايو ھو تہ اھو نالو متس ساھرن رکيو ھو.

ٻن مھينن ڪان پوءِ ھوءَ ٺيڪ ٺاڪ ٿي ويئي. ڏينھن ٻن ۾ سندس اسپتال مان موڪل ٿيڻي ھئي. ڪانئس موڪلائڻ مھل مون ڪيس آھستي چيو: ”ڀاڳيري! ڇٻو ھن پيري ماٺھو ٻاڻ ڪي ملھ ماري ويا!“ ڪيس ڇڻ ڪنھن وڇونءَ ڏنگ ھڻي ڪڍيو،

”ڇو بابا؟“

ٻسٽس چيو: ”ادا تن الله مارين ڪي ڏيئڙيءَ جي بندوق جي فيرن سان ڪرندي تہ مون پنھنجين ھنن گنھگار اکين سان ڏٺو وڏيڪ جي ٻاڻ ڪي خبر ڪانھي.“

مون چيو: ”ڀاڳيري! تون واقعي بختاور آھين! ھن نئين دور جي بختاور.“

# ليکڪ جو تعارف

**نالو:** رسول بخش علي محمد پليجو.

**ڳوٺ جو نالو:**
منگر خان پليجو، لڳ جنگشاهي، ضلعو ٺٽو.

**ڄم جي تاريخ:**
٢١- جنوري، ١٩٢٩ع.

**تعليم:**
پرائمري، جنگشاهي، ميٽرڪ ۽ انٽر، سنڌ مدرسة الاسلام، ڪراچي، ايل ايل بي، جناح مسلم ڪاليج، ڪراچي.

**ڌنڌو:**
وڪالت.

**ليکڪ جا ڪتاب:**
"انڌا اونڌا ويڄ"، "جيڪي ٻنگال سان ٿيو"، "ساڻوڙي ٽنگ"، "هوچي منهه جي آتم ڪهاڻي"، "انقلاب ۾ ادب ۽ فن جي اهميت"، "ذرڙن جا ذڪ"، "ڳالهيون ڳنوارن جون"، "صبح ٿيندو"، "سنڌي ذات هنجن" ۽ "پسي ڳاڙها گل".

ان کان علاوه ان ڪيئي سياسي، ادبي ۽ تنقيدي مضمون، نثري نظم، شعر ۽ مقالا مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهن.

# پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڀُولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنيٰ e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڏَڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڀُولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليگڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالههَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪَٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٽي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاٽن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
۔ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)